# فیضانِ اذان



حَیَّ عَلَی الصَّلٰوۃ
حَیَّ عَلَی الصَّلٰوۃ

شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنّت، بانیٔ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابوبلال
محمد الیاس عطّار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

# فيضانِ اذان

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر:** 021-34921389-90-91

*E-mail : translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ اذان

## ۽ روزانو تي ڪروڙ چوويھ لک نيڪيون حاصل ڪريو

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو شروع ڪان آخر تائين مڪمل پڙهو، قوي امڪان آهي تہ اوهان جي ڪيترين ئي غلطين جي نشاندهي ٿئي.

## درود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، سلطان باقرينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد رحمت بنياد آهي: ”جنهن قرآن پاڪ پڙهيو، ربّ تعالي جي حمد ڪئي ۽ نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي درود پڙهيو ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪان مغفرت طلب ڪئي تہ ان ڀلائي کي پنهنجي جڳهہ تان ڳولي ورتو.“ (شعب الايمان ج 2 ص373 حديث 2084)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سرڪار مدينہ ھڪ ڀيرو اذان ڏني

نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سفر ۾ هڪ دفعو اذان ڏني ۽ ڪلمو شهادت هيئن چيو: اَشْهَدُ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰه (مان گواهي ڏيان ٿو تہ مان الله جو رسول آهيان) (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 375، تحفة المحتاج ج 1 ص 209)

## آذان آهي يا اَذان؟

ڪجھ ماڻهو آذان چوندا آهن هي غلط تلفّظ (اُچار) آهي، آذان جمع آهي ”اُذن“ جو ۽ اُذن جي معنيٰ آهي: ڪَنَ. صحيح تلفّظ اذان

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

آهي. اَذان جي لغوي معنيٰ آهي: خبردار ڪرڻ.

# ”فيضان اذان“ جي نَوَ اکرن جي نسبت سان اذان جي فضيلتن تي مشتمل نَوَ فرمان مصطفيٰ

## ﴿1﴾ قبر ۾ ڪيڙا نہ پوندا

ثواب جي خاطر اذان ڏيڻ وارو ان شهيد جيان آهي جيڪو رت ۾ لِٿڙيل هجي ۽ جڏهن مرندو تہ قبر اندر ان جي جسم ۾ ڪيڙا نہ پوندا. (المعجم الكبير للطبراني ج 12 ص 322 حديث 13554)

## ﴿2﴾ موتين جا گنبذ

مان جنّت ۾ ويس، اتي موتين جا گنبذ ڏٺم، ان جي مٽي مُشڪ جي آهي، پڇا ڪيم تہ اي جبريل! اهي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائين: توهان جي امت جي مُؤذِنن ۽ امامن جي لاءِ آهن. (الجامع الصغير للسيوطي ص 255 حديث 4179)

## ﴿3﴾ اڳوڻا گناهہ معاف

جنهن پنجن ئي نمازن جي اذان ايمان جي سبب، ثواب جي نيت سان ڏني ان جا جيڪي گناهہ اڳ ۾ ٿيا آهن معاف ٿي ويندا ۽ جيڪو ايمان جي سبب ثواب جي لاءِ پنهنجي ساٿين جي پنجن نمازن ۾ امامت ڪندو، ان جا گناهہ جيڪي پهريان ٿيا آهن معاف ڪيا ويندا. (السنن الكبريٰ للبيهقي ج 1 ص 636 حديث 2039)

## ﴿4﴾ شيطان 36 ميل پري ڀڄي ويندو آهي

شيطان جڏهن نماز جي اَذان ٻڌندو آهي تہ ڀڄي وڃي روحا

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

پهچندو آهي. راوي فرمائن ٿا روحا مدينہ منوّره کان 36 ميل پري آهي.
(مسلم ص 204 حديث 388)

## ﴾5﴿ اَذان دعا جي قبوليت جو سبب آهي

جڏهن اَذان ڏيڻ وارو اَذان ڏيندو آهي آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ دعا قبول ٿيندي آهي. (المستدرک للحاکم ج 2 ص 243 حديث 2048)

## ﴾6﴿ مؤذن جي لاءِ استغفار

مؤذن جو آواز جتي پهچندو آهي، هن جي لاءِ مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ هر شيءِ جنهن هن جو آواز ٻڌو هن جي لاءِ استغفار ڪندي آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 500 حديث 6210)

## ﴾7﴿ اَذان واري ڏينهن عذاب کان امن

جنهن وسندي ۾ اَذان ڏني وڃي، **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عذاب کان انهيءَ ڏينهن تي ان کي امن ڏيندو آهي.
(المعجم الکبير للطبراني ج 1 ص 257 حديث 746)

## ﴾8﴿ گهٻراهٽ جو علاج

جڏهن آدم عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جنّت کان هندوستان ۾ لٿا انهن کي گهٻراهٽ ٿي تہ جبرئيل عَلَیْہِ السَّلَام لهي اَذان ڏني.
(حلية الاولياء ج 5 ص 123 حديث 6566)

## ﴾9﴿ غم پري ڪرڻ جو نسخو

اي علي! مان توکي غمگين ٿو ڏسان، پنهنجي ڪنهن بہ گهر واري کي چئو تہ تنهنجي ڪن ۾ اَذان ڏي. اَذان غم ۽ پريشاني کي پري ڪندي آهي. (جامع الحديث للسيوطي ج 15 ص 339 حديث 6017) هي روايت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

نقل ڪرڻ ڪان پوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فتاويٰ رضويہ شريف جلد 5 صفحي 668 تي فرمائن ٿا: موليٰ علي كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ۽ مولا علي تائين جيترا بہ هن حديث جا راوي آهن سيني فرمايو: فَجَرَّبْتُهٗ فَوَجَدْتُّهٗ كَذَالِك (اسان هن جو تجربو ڪيو تہ ان ڪي ائين ئي محسوس ڪيو)

(مرقاة المفاتيح ج 2 ص 331، جامع الحديث ج 15 ص 339 حديث 6017)

## مڇيون بہ اِستِغفار ڪنديون آهن

منقول آهي: اذان ڏيڻ وارن لاءِ هر هڪ شيءِ مغفرت جي دعا ڪندي آهي ايتري تائين جو درياءَ ۾ مڇيون بہ، مؤذن جنهن وقت اذان ڏيندو آهي ملائڪ بہ دهرائيندا ويندا آهن ۽ جڏهن فارغ ٿي ويندو آهي تہ ملائڪ قيامت تائين ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آهن، جيڪو مؤذني جي حالت ۾ مري ويندو آهي، ان کي قبر جو عذاب ناهي ٿيندو ۽ مؤذن سڪرات جي سختين کان بچي ويندو آهي، قبر جي سختي ۽ تنگي کان بہ محفوظ رهندو آهي.

(ملخص از تفسير سورت يوسف (مترجم) ص 21)

## اذان جي جواب جي فضيلت

مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري فرمايو: ”اي عورتو! جڏهن توهان بلال کي اذان ۽ اِقامت (تڪبير) ڏيندي ٻڌو تہ جيئن هو چوي تيئن توهان بہ چئو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي لاءِ هر جملي جي بدلي ۾ هڪ لک نيڪيون لکندو ۽ هڪ هزار درجا بلند فرمائيندو ۽ هڪ هزار گناهہ معاف فرمائيندو. عورتن اهو ٻڌي عرض ڪيو، هي تہ عورتن جي لاءِ آهي، مردن جي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايائون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

تہ مردن لاءِ بيٺو. (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 55 ص 75)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 3 ڪروڙ 24 لک نيڪيون ڪمايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تان قربان! ان اسان جي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ، پنهنجا درجا وڌائڻ ۽ گناھ بخشرائڻ ڪيترو تہ آسان فرمائي ڇڏيو آهي، پر افسوس ايترين آسانين جي باوجود بہ اسان غفلت جو شڪار رهندا آهيون، پيش ڪيل حديث مبارڪ ۾ اذان جي جواب جي جيڪا فضيلت بيان ٿي، ان جو تفصيل ملاحظہ فرمايو: اَللّٰهُ اَكْبَر اَللّٰهُ اَكْبَر هي بہ جملا آهن، اهڙي طرح پوري اذان ۾ 15 جملا آهن، جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ هڪ اذان جو جواب ڏي يعني مؤذن جيڪو چوندو وڃي اسلامي ڀيڻ بہ دهرائيندي وڃي تہ ان کي 15 لک نيڪيون ملنديون، 15 هزار درجا بلند ٿيندا ۽ 15 هزار گناھ معاف ٿيندا، جڏهن تہ اسلامي ڀائرن لاءِ ثواب ٻيڻو آهي. فجر جي اذان ۾ بہ ڀيرا اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْم آهي تہ فجر جي اذان ۾ 17 جملا ٿيا ۽ اهڙي طرح فجر جي اذان ۾ 17 لک نيڪيون، 17 هزار درجن جي بلندي ۽ 17 هزار گناهن جي معافي ملي ۽ اسلامي ڀائرن لاءِ ٻيڻو. اقامت ۾ بہ ڀيرا "قَدْ قَامَتِ الصَّلٰوةُ" بہ آهي، ائين اقامت ۾ بہ 17 جملا ٿيا تہ اقامت جي جواب جو ثواب بہ فجر جي اذان جي جواب جيترو ٿيو. مطلب تہ جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ اهتمام سان روزانو پنجن ئي نمازن جي اذانن ۽ پنجن ئي اقامتن جو جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ ان کي روزانو هڪ ڪروڙ 62 لک نيڪيون

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** **(ابن عدي)**

ملنديون، هڪ لک 62 هزار درجا وڌندا ۽ هڪ لک 62 هزار گناهه معاف ٿيندا ۽ اسلامي ڀاءُ ڪي ٻيڻو يعني 3 ڪروڙ 24 لک نيڪيون ملنديون، 3 لک 24 هزار درجا بلندا ٿيندا ۽ 3 لک 24 هزار گناهه معاف ٿيندا.

# اذان جو جواب ڏيڻ وارو جنتي ٿي ويو

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته هڪ شخص جنهن جو بظاهر ڪو تمام وڏو نيڪ عمل نه هو، اهو فوت ٿي ويو ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي موجودگي ۾ (غيب جي خبر ڏيندي ارشاد) فرمايو: ڇا توهان کي معلوم آهي ته الله تعاليٰ ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي، ان تي ماڻهو حيران ٿيا ڇو ته بظاهر ان جو ڪو وڏو عمل نه هو، پوءِ هڪ صحابي (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) سندن گهر ويا ۽ سندن بيوه (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا) کان پڇيائون ته ان جو ڪو خاص عمل اسان کي ٻڌايو ته ان جواب ڏنو: ”ٻيو ته ڪو خاص وڏو عمل مون کي معلوم ناهي، صرف ايترو ڄاڻان ٿي ته ڏينهن هجي يا رات، جڏهن به اذان ٻڌندا هئا ته جواب ضرور ڏيندا هئا.“ (تاريخ دمشق لابن عساڪر ج 40 ص 412، 413) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

گُنَہِ گدا کا حساب کیا وہ اگرچہ لاکھ سے ہیں سِوا
مگر اے عَفُو ترے عَفْو کا تو حِساب ہے نہ شمار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

# اذان ۽ اقامت جي جواب جو طريقو

مؤذن صاحب کي گهرجي تہ اذان جا جملا آهستي آهستي ادا ڪري، اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ (اهي ٻہ جملا آهن پر) ٻئي ملي (بنا وقفو ڪندي هڪ ٻئي سان ملائي پڙهڻ جي اعتبار کان) هڪ جملو آهي. ٻنهي کان پوءِ سڪتو ڪري (يعني چپ ٿي وڃي) ۽ سڪتي جو مقدار هي آهي تہ جواب ڏيڻ وارو جواب ڏئي وٺي، وقفي کي ڇڏي ڏيڻ مڪروه آهي ۽ اهڙي اذان ٻيهر ڏيڻ مستحب آهي. (درمختار مع رد المحتار ج 2 ص 66)

جواب ڏيڻ واري کي گهرجي تہ جڏهن مؤذن صاحب اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئي وقفو ڪري يعني خاموش ٿئي تہ ان وقت اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئي اهڙي طرح ٻين جملن جو جواب ڏئي جڏهن مؤذن پهريون ڀيرو ''اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ'' چوي تہ جواب ڏيڻ وارو چوي: ''صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ'' (ترجمو: توهان تي درود هجي يارسول **الله** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

جڏهن ٻيو ڀيرو چوي تہ ''قُرَّةُ عَيْنِيْ بِكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ'' **ترجمو:** يارسول **الله!** توهان منهنجي اکين جي ٺڏاڻ آهيو) ۽ هر ڀيري آڱوٺن جا ننهن اکين سان لڳائي آخر ۾ چوي:

اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! منهنجي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوّت مان مونکي نفعو عطا فرماءِ. (ردالمحتار ج 2 ص 84)

حَيَّ عَلَي الصَّلٰوةِ ۽ حَيَّ عَلَي الْفَلَاحِ جي جواب ۾ (چار ئي ڀيرا)

لَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ چوي ۽ بهتر هي آهي تہ ٻئي چوي (يعني جيڪو مؤذن چيو اهو بہ چوي ۽ لاحول بہ) بلڪ وڌيڪ اهو بہ ملائي ڇڏي:

''مَاشَآءَ اللّٰهُ كَانَ وَمَا لَمْ يَشَأْ لَمْ يَكُنْ'' ترجمو: جيڪو **الله** عَزَّوَجَلَّ چاهيو ٿيو ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

جيڪو نہ چاهيو نہ ڏيو. (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 82، فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 57)

## "اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ" جي جواب ۾ چوي:

صَدَقْتَ وَ بَرِرْتَ وَ بِالْحَقِّ نَطَقْتَ (ترجمو: ۽ تون سچو ۽ نيڪو ڪار آهين ۽ تو حق چيو) (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 83)

**اقامت جو جواب مستحب آهي، ان جو جواب به اذان وانگر آهي پر فرق ايترو آهي جو قَدْقَامَتِ الصَّلٰوةُ جي جواب ۾ چوي:**

"اَقَامَهَا اللّٰهُ وَاَدَامَهَا مَادَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ" **ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قائم رکي جيستائين آسمان ۽ زمين آهن.**

(عالمگيري ج 1 ص 57)

# "صدقي يارسول الله" جي 14 اکرن جي نسبت سان اذان جا 14 مدني گل

۞ پنج ئي فرض نمازون انهن ۾ جمعو به شامل آهي جڏهن جماعت اوليٰ (پهرين جماعت) سان مسجد ۾ وقت تي ادا ڪيون وڃن ته انهن جي لاءِ اذان سنّت مؤڪّده آهي، ان جو حڪم واجب وانگر آهي جيڪڏهن اذان نہ ڏني وئي ته اتي جا تمام ماڻهو گناهگار ٿيندا. (بهارشريعت ج 1 ص 464)

۞ جيڪڏهن ڪو شخص شهر جي اندر گهر ۾ نماز پڙهي ته اتان جي مسجد جي اذان ان جي لاءِ ڪافي آهي پر اذان چوڻ مستحب آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 62، 78)

۞ جيڪڏهن ڪو شخص شهر کان ٻاهر يا ڳوٺ، باغ يا ٻني وغيره ۾ آهي ۽ اها جڳهه ويجهو آهي ته ڳوٺ يا شهر جي اذان ڪافي آهي پر بيهر به اذان چوڻ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ويجهو ناهي ته اها اذان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ڪافي ناهي. ويجهو هجڻ جي حد هي آهي ته هتان جي اذان جو آواز اتي پهچندو هجي. (عالمگيري ج 1 ص 54)

۞ مسافر اذان ۽ اقامت ٻئي نه ڏنيون يا اقامت نه چئي ته مڪروه آهي ۽ جيڪڏهن صرف اقامت چئي ته ڪراهت ناهي پر بهتر هي آهي ته اذان به چوي، توڙي جو اڪيلو هجي يا ان جا ٻيا ساٿي اتي موجود هجن. (بهارشريعت ج 1 ص 471، الدرمختار و رد المحتار ج 2 ص 78)

۞ اذان وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ ڏيو، جيڪڏهن وقت کان اڳ ۾ ڏئي ڇڏي يا وقت کان اڳ ۾ شروع ڪئي ۽ اذان جي دؤران وقت اچي ويو، ٻنهي صورتن ۾ اذان وري ڏيو. (الهداية ج 1 ص 45) مؤذن سڀڱورن کي گهرجي ته اهي نظام الاوقات (ٽائم ٽيبل) ڏسندا رهن، ڪٿي ڪٿي مؤذن سڀڱورا وقت کان اڳ ۾ ئي اذان شروع ڪري ڇڏيندا آهن، امام سڀڱورن ۽ انتظاميه جي خدمت ۾ به مدني التجا آهي ته اهي به هن مسئلي تي نظر رکن.

۞ عورتون پنهنجي نماز ادا پڙهنديون هجن يا قضا ان ۾ انهن جي لاءِ اذان ۽ اقامت چوڻ مڪروه آهي. (در مختار ج 2 ص 72)

۞ عورتن کي جماعت سان نماز ادا ڪرڻ ناجائز آهي.
(بهارشريعت ج 1 ص 584، درمختار ج 2 ص 367)

۞ سمجهدار ٻار به اذان ڏئي سگهي ٿو. (در مختار ج 2 ص 75)

۞ بي وضو جي اذان صحيح آهي پر بي وضوءَ جو اذان ڏيڻ مڪروه آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 466، مراقي الفلاح ص 46)

۞ ڪدڙي، فاسق جيتوڻيڪ عالم ئي ڇو نه هجي، نشي واري، چريي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

**بنا غسل واري ۽ بي سمجهہ ٻار جو اذان ڏيڻ مڪروه آهي، انهن سيني جي اذان ٻيهر ڏيڻي پوندي.** (بهارشريعت ج 1 ص 466، درمختار ج 2 ص 75)

۞ **جيڪڏهن مؤذن ئي امام ٻہ هجي تہ بهتر آهي.** (در مختار ج 2 ص 88)

۞ **مسجد کان ٻاهر قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ڪري، ڪنن ۾ آڱريون وجهي بلند آواز سان اذان چئي وجي پر طاقت کان وڌيڪ آواز ڪڍڻ مڪروه آهي.** (بهارشريعت ج 1 ص 468، 469، عالمگيري ج 1 ص 55) **اذان دؤران ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ مسنون ۽ مستحب آهن پر هلائڻ ۽ گهمائڻ فضول حرڪت آهي.**

(فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 373)

۞ حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ **ساڄي طرف منهن ڪري چوي ۽** حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ **کاٻي طرف منهن ڪري، جيتوڻيڪ اذان نماز جي لاءِ نہ هجي مثلاً ٻار جي ڪن ۾ ڏني، اهو ڦيرڻ فقط منهن جو آهي سڄي جسم کي نہ ڦيري.** (بهارشريعت ج 1 ص 469، درمختار ج 2 ص 66) **ڪي مؤذن "صلاة" ۽ "فلاح" تي پهچڻ دؤران نرمي سان ساڄي ۽ کاٻي ڇهري کي ٿورو ڦيريندا آهن اهو طريقو غلط آهي، صحيح طريقو هي آهي تہ پهريان چڱي طرح ڇهرو ساڄي يا کاٻي ڪيو وڃي ان کان پوءِ لفظ "حَيَّ" چوڻ شروع ڪيو وڃي.**

۞ **فجر جي اذان ۾** حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ **کان پوءِ** اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ **چوڻ مستحب آهي.** (درمختار ج 2 ص 67) **جيڪڏهن نہ چيو ويو تڏهن بہ اذان ٿي ويندي.** (قانون شريعت ص 89)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# ”اذانِ بلالي“ جي نوَ اڪرن جي نسبت سان
# اذان جي جواب جا 9 مدني گل

۞ نماز جي اذان کان علاوہ ٻين اذانن جو جواب بہ ڏنو ويندو مثلاً ٻار پيدا ٿيڻ وقت جي اذان. (ردالمحتار ج 2 ص 82) منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جڏهن ٻار پيدا ٿئي تہ هڪدم ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ اِقامت چئي وڃي تہ اُهو ٻار شيطان جي خلل ۽ اُمُّ الصِّبيان کان محفوظ رهندو. (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 452) ملفوظات اعليٰ حضرت صفحي 417 تي آهي: (صَرع) وڏي خبيث بلا آهي جيڪڏهن ٻارن کي ٿئي تہ ان کي اُمُّ الصِّبيان چوندا آهن، نہ تہ صرع (مِرگهي).

۞ مُقتَدين کي خُطبي جي اذان جو جواب هرگز نہ ڏيڻ گهرجي، احتياط انهيءَ ۾ آهي، باقي جيڪڏهن اذان جو جواب يا (ٻن خطبن جي وچ ۾) دعا جيڪڏهن دل ۾ ڪجي، زبان سان اچار بلڪل ادا نہ ٿين تہ پوءِ ڪو حرج ناهي ۽ امام يعني خطيب جيڪڏهن زبان سان بہ اذان جو جواب ڏئي يا دعا ڪري تہ بيشڪ جائز آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 8 ص 300، 301)

۞ اذان ٻڌڻ واري جي لاءِ اذان جي جواب ڏيڻ جو حڪم آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 472) جُنُب (يعني جنهن کي همبستري يا اِحتِلام جي سبب غسل ڪرڻ جي حاجت هجي) اهو بہ اذان جو جواب ڏي، البت حَيض ۽ نِفاس واري عورت، خطبو ٻڌڻ وارا، جنازي نماز پڙهڻ وارا، همبستري ۾ مشغول يا جيڪي قضاءِ حاجت ۾ هجن انهن تي جواب ناهي.

(درمختار ج 2 ص 81)

۞ جڏهن اذان ٿئي تہ ايتري دير جي لاءِ سلام، گفتگو ۽ سلام جو جواب ۽ سڀ ڪم ڇڏي ڏيو، ايتري تائين جو تلاوت بہ، اذان کي غور سان ٻڌو ۽ جواب ڏيو اقامت ۾ بہ ائين ئي ڪريو.
(بهارشريعت ج 1 ص 473 درمختار ج 2 ص 86، عالمگيري ج 1 ص 57)

۞ اذان جي دؤران هلڻ، گهمڻ، ٿانو گلاس وغيره ڪاٻہ شيءِ کڻڻ، ماني وغيره رکڻ، ننڍن ٻارن سان کيڏڻ، اشارن ۾ گفتگو ڪرڻ وغيره سڀ ڪجھ ڇڏي ڏيڻ ئي مناسب آهي.

۞ جيڪو اذان جي وقت ڳالهين ۾ مَشغول رهي، مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ ان جي بُري خاتمي ٿيڻ جو خوف آهي.
(بهارشريعت ج 1 ص 473)

۞ ڪو رستي تي هلي رهيو هو تہ اذان جو آواز آيو تہ بهتر هي آهي تہ اوتري دير چپ چاپ بيهي ٻڌي ۽ جواب ڏئي. (عالمگيري ج 1 ص 57 ايضًا) باقي اذان دؤران مسجد يا وضو خاني ڏانهن وڃڻ ۽ وضو ڪرڻ ۾ حرج ناهي ان دؤران زبان سان جواب بہ ڏيندا رهو.

۞ اذان جي دؤران استنجا خاني ۾ وڃڻ بهتر نہ آهي ڇوتہ اتي اذان جو جواب نہ ڏئي سگهندو ۽ اهو وڏي ثواب کان محرومي آهي البت سخت حاجت هجي يا جماعت جي نڪري وڃڻ جو انديشو هجي تہ هليو وڃي.

۞ جيڪڏهن چند اذانون ٻڌي تہ ان تي پهرين جو ئي جواب آهي ۽ بهتر هي آهي تہ سڀني جو جواب ڏئي. (درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 82، بهارشريعت ج 1 ص 473) جيڪڏهن اذان جي وقت جواب نہ ڏنائين تہ جيڪڏهن گهڻي دير نہ گذري هجي تہ جواب ڏئي ڇڏي. (درمختار ج 2 ص 83)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

# يا مصطفيٰ جي ست اکرن جي نسبت سان اِقامت جا 7 مدني گل

۞ اِقامت مسجد ۾ امام جي بلڪل پٺيان بيهي ڪري ڏيڻ بهتر آهي جيڪڏهن بلڪل پٺيان موقعو نہ ملي تہ ساڄي طرف کان مُناسب آهي. (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 372)

۞ اقامت اذان کان وڌيڪ تاڪيدي سنّت آهي. (درمختار ج 2 ص 68)

۞ اقامت جو جواب ڏيڻ مستحب آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 473)

۞ اقامت جا جُملا جلد جلد چئو ۽ وچ ۾ وقفو نہ ڪريو. (ايضًا ص 470)

۞ اقامت ۾ بہ حَيَّ عَلَي الصَّلٰوةِ ۽ حَيَّ عَلَي الْفَلَاحِ ۾ صفحي 10 تي بيان ڪيل طريقي مطابق ساڄي کاٻي منهن ڦيرايو. (درمختار ج 2 ص 66)

۞ اقامت انهيءَ جو ئي حق آهي جنهن اذان ڏني آهي، اذان ڏيڻ واري جي اجازت سان ٻيو ڏئي سگهي ٿو جيڪڏهن بنا اجازت جي ڏني ۽ مُؤَذِّن (جنهن اذان ڏني ان) کي بُرو محسوس ٿيو تہ مڪروه آهي. (عالمگيري ج 1 ص 54)

۞ اقامت جي وقت ڪو ماڻهو آيو تہ ان کي بيهي ڪري انتظار ڪرڻ مڪروه آهي بلڪ ويهي رهي. اهڙي طرح جيڪي ماڻهو مسجد ۾ موجود آهن اهي بہ وينا رهن ۽ ان وقت اٿي بيهن جڏهن تڪبير ڏيڻ وارو حَيَّ عَلَي الْفَلَاحِ تي پهچي، اهو ئي حڪم امام جي لاءِ آهي. (عالمگيري ج 1 ص 57، بهارشريعت ج 1 ص 471)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

# ”يا غوث الاعظم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان اذان ڏيڻ جا 11 مستحب موقعا

﴿1﴾ ٻار ﴿2﴾ ڏکايل ﴿3﴾ مِرگِهي واري ﴿4﴾ غُصي واري ۽ بد مِزاج ماڻهو ﴿5﴾ بدمِزاج جانور جي ڪن ۾ ﴿6﴾ جنگ جي شدّت جي وقت ﴿7﴾ باھ لڳڻ وقت ﴿8﴾ مَيِّت دفن ڪرڻ کان پوءِ ﴿9﴾ جنّ جي سرڪشي جي وقت (مثال طور ڪنهن کي آسيب جو اثر ٿئي) ﴿10﴾ جهنگ ۾ رستو ڀُلجي وڃي ۽ ڪو ٻڌائڻ وارو نہ هجي ان وقت. (بهارشريعت ج 1 ص 466، ردالمحتار ج 2 ص 62) ۽ ﴿11﴾ وَبا جي زماني ۾ بہ اذان ڏيڻ مستحب آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 466، فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 370)

# مسجد ۾ اذان ڏيڻ سنت جي خلاف آهي

اڄڪلھ اڪثر مسجد جي اندر ئي اذان ڏيڻ جو رواج پئجي ويو آهي، جيڪو سنت جي خلاف آهي. عالمگيري وغيره ۾ آهي: اذان مسجد کان ٻاهر ڏني وڃي، مسجد ۾ اذان نہ ڏني وڃي. (عالمگيري ج 1 ص 55)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، ولي نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانۂ شمع رسالت، مجدّد دين ۽ ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالم شريعت، پير طريقت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاھ امام احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”هڪ پيرو بہ ثابت ناهي تہ حضور اقدس صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد جي اندر اذان ڏياري هجي.“ سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويندو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

وڏيڪ فرمائن ٿا: مسجد ۾ اذان ڏيڻ مسجد ۽ **اللّٰه** جي دربار جي گستاخي ۽ بي ادبي آهي. مسجد جي صحن جي ڀرسان جتي جُتيون لاٿيون وينديون آهن اها جڳهه مسجد کان ٻاهر هوندي آهي. اتي اذان ڏيڻ بنا ڪنهن تڪلّف جي سنّت مطابق آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 408، 411، 412) جمعي جي ٻي اذان، جيڪا اڄڪلهه خطبي کان اڳ ۾ مسجد ۾ خطيب جي ممبر جي سامهون مسجد جي اندر ڏني ويندي آهي اها بہ سنّت جي خلاف آهي ۽ جمعي جي ٻي اذان بہ مسجد کان ٻاهر ڏني وڃي پر مُؤَذِّن خطيب جي سامهون هجي.

## سو شهيدن جو ثواب ڪمايو

سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سنّت کي زنده ڪرڻ تہ علماءُ جو خاص منصبي فرض آهي ۽ جنهن مسلمان کان ممڪن هجي، ان جي لاءِ عام حڪم آهي. هر شهر جي مسلمانن کي گهرجي تہ پنهنجي شهر يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پنهنجي مسجدن ۾ (پنجن نمازن جي اذان ۽ جمعي جي ٻي اذان مسجد کان ٻاهر ڏيڻ جي) هن سنّت کي زندهہ ڪن ۽ سؤ سؤ شهيدن جو ثواب حاصل ڪن. رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو امّت جي فساد جي وقت منهنجي سنّت کي مضبوطي سان پڪڙيندو، ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو. (الزُهد الڪبير للبيهقي ص 118 حديث 207، فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 403) هن مسئلي جي تفصيل لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 5 ”باب الاذان و الاقامة“ جو مطالعو فرمايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# اذان کان اڳ ۾ هي دورد پاڪ پڙهو

اَذان ۽ اقامت کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري درود ۽ سلام جا اهي چار جملا پڙهو:

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَارَسُوۡلَ اللّٰهِ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَاحَبِيۡبَ اللّٰهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَانَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَانُوۡرَ اللّٰهِ

پوءِ دُرُود و سلام ۽ اذان ۾ وٿي ڪرڻ لاءِ هي اعلان ڪريو: ”اذان جو احترام ڪندي گفتگو ۽ ڪم ڪار روڪي اذان جو جواب ڏيو ۽ بيشمار نيڪيون ڪمايو، ان ڪانپوءِ اذان ڏيو، درود و سلام ۽ اقامت جي وچ ۾ هي اعلان ڪريو، اِعتِڪاف جي نِيّت ڪري ڇڏيو موبائل فون هجي ته بند ڪري ڇڏيو. اذان ۽ اِقامت کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ دُرُود و سلام جي چئن مخصوص جملن جي مدني التجا ان شوق ۾ ڪري رهيو آهيان ته ان طرح منهنجي لاءِ به ڪجهه ثواب جارِيّہ جو سبب ٿي وڃي ۽ وٿي جو مشورو فتاويٰ رضويہ جي فيضان سان پيش ڪيو آهي، جيئن ته هڪ سوال جي جواب ۾ امام اهلسنت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”دُرُود شريف اقامت کان اڳ ۾ پڙهڻ ۾ حرج ناهي پر اقامت لاءِ ان جي وچ ۾ وٿي هجي يا درود شريف جو آواز اقامت جي آواز کان ائين جدا هجي جو فرق ظاهر ٿئي (مثلاً درود شريف جو آواز اقامت جي بنسبت هلڪو هجي) ۽ عام ماڻهو درود شريف کي اقامت جو حصو نه سمجهن.“ (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 386)

**وسوسو:** سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حيات ۽ خلفاءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**راشدين** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان **جي دؤر ۾ اذان کان اڳ ۾ درود شريف نہ پڙهيو ويندو هو، ان لاءِ ائين ڪرڻ بري بدعت ۽ گناهہ آهي.** (**معاذالله** عَزَّوَجَلَّ)

**وسوسي جو جواب:** جيڪڏهن اهو قاعدو مڃيو وڃي تہ جيڪو ڪم ان دؤر ۾ نہ ٿيندو هو اهو هاڻي ڪرڻ بري بدعت ۽ گناهہ آهي تہ پوءِ هن زماني ۾ سڄو نظام ئي درهم برهم ٿي ويندو. بيشمار مثالن مان فقط ٻارهن مثال پيش ڪيان ٿو تہ اهي ڪم ان مبارڪ دؤر ۾ نہ هئا ۽ هاڻي انهن ڪي سڀ پيا ڪن. ﴿1﴾ قرآن پاڪ تي نُقطا ۽ اِعراب حَجّاج بن يوسف سن 95ھ ۾ لڳرايا ﴿2﴾ ان ئي آيتن جي ختم ٿيڻ واري جڳهہ تي علامتن جي طور تي نُقطا لڳرايا ﴿3﴾ قرآن پاڪ جي ڇپائي ﴿4﴾ مسجد جي وچ ۾ امام صاحب جي بيهڻ لاءِ مِحراب پهرين نہ هئا، وليد مرواني جي دؤر ۾ سيّدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن اهي ٺهرايا. اڄ ڪا مسجد ان کان خالي ناهي ﴿5﴾ ڇهہ ڪلما ﴿6﴾ صَرف ۽ نَحو جو عِلم ﴿7﴾ حديث جو علم ۽ حديثن جا قسم ﴿8﴾ درسِ نِظامي ﴿9﴾ شريعت ۽ طريقت جا چار سلسلا ﴿10﴾ زبان سان نماز جي نيّت ﴿11﴾ هوائي جهاز جي ذريعي حَجّ جو سفر ﴿12﴾ جديد سائنسي هٿيارن جي ذريعي جهاد، اهي سڀ ڪم ان مبارڪ دؤر ۾ نہ هئا پر هاڻي انهن ڪي ڪو گناهہ نٿو چوي تہ آخر اَذان ۽ اقامت کان اڳ ۾ مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود و سلام پڙهڻ ئي ڇو بري بِدعت ۽ گناهہ ٿي ويو، ياد رکو! ڪنهن معاملي ۾ ناجائز هئڻ جو دليل نہ هئڻ خود جائز هئڻ جو دليل آهي، يقينًا يقينًا يقينًا هر اها نئين شيءِ جنهن کي شريعت منع

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

ناهي ڪيو اها بِدعت حَسنَہ ۽ مُباح يعني سُني بِدعت ۽ جائز آهي ۽ هي تسليم ڪيل ڳالھ آهي تہ اذان کان اڳ ۾ درود شريف پڙهڻ کي ڪنهن بہ حديث ۾ منع ناهي ڪيو ويو، ان لاءِ منع نہ ڪرڻ خود بخود اجازت بڻجي ويو ۽ سنيون سنيون ڳالهيون اسلام ۾ ايجاد ڪرڻ جي تہ خود مديني جي تاجوَر، نَبين جي سَروَر، حُضورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تَرغِيب ارشاد فرمائي آهي ۽ مسلم شريف جي باب ”ڪتاب العلم“ ۾ بنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان اجازت نشان موجود آهي:

مَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَعُمِلَ بِهَا بَعْدَهٗ، كُتِبَ لَه مِثْلُ اَجْرِمَنْ عَمِلَ بِهَا وَلَا يَنْقُصُ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْئٌ.

(صحيح مسلم ص 1437، حديث 1017)

ترجمو: جنهن شخص مسلمانن ۾ ڪو سُنو طريقو اِيجاد ڪيو ۽ ان کان بعد ان طريقي تي عمل ڪيو ويو تہ ان طريقي تي عمل ڪرڻ وارن جو اَجر بہ ان (يعني جاري ڪرڻ واري) جي اَعمال نامي ۾ لکيو ويندو ۽ عمل ڪرڻ وارن جي اجر ۾ بہ ڪا ڪمي نہ ٿيندي.

مطلب اهو آهي تہ جيڪو اسلام ۾ سنو طريقو جاري ڪندو اهو وڏي ثواب جو حقدار آهي تہ بيشڪ جنهن خوش نصيب اذان ۽ اقامت کان اڳ ۾ دُرُود سلام جو رواج وڌو آهي اهو بہ ثوابِ جارِيہ جو مُستَحق آهي قِيامت تائين جيڪي مسلمان ان طريقي تي عمل ڪندا رهندا انهن کي بہ ثواب ملندو ۽ جاري ڪرڻ واري کي بہ ملندو رهندو ۽ بنهي جي ثواب ۾ ڪا ڪمي نہ ٿيندي.

ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي ذهن ۾ هي سوال هجي تہ حديث

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

پاڪ ۾ آهي تہ ”كُلُّ بِدعَةٍ ضَلَالَةٌ وَّ كُلُّ ضَلَالَةٍ فِي النَّارِ“ يعني هر بدعت (نئين ڳالهہ) گمراهي آهي ۽ هر گمراهي جهنّم ۾ (وٺي وڃڻ واري) آهي. (صحيح ابن خزيمہ ج 3 ص 143 حديث 1785) ان حديث شريف جي ڇا معني آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ حديث پاڪ حق آهي، هتي بدعت مان مراد بدعتِ سيّئہ يعني بُري بِدعت آهي ۽ يقينًا هر اها بدعت بُري آهي جيڪا ڪنهن سنّت جي خلاف هجي يا سنّت ڪي مٽائڻ واري هجي، جيئن تہ سيّدنا شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اها بدعت جيڪا سنّت جي اصولن ۽ قاعدن جي مطابق هجي ۽ ان جي مطابق قِياس ڪيل هجي (يعني شريعت ۽ سنّت سان نہ ٽڪرائيندي هجي) ان کي بدعتِ حَسنہ (سٺي بدعت) چوندا آهن ۽ جيڪا ان جي خلاف هجي اها بدعت گمراهي آهي. (اشعة اللمعات ج 1 ص 135)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هاڻي ايمان جي حفاظت جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 692 صحفن تي مشتمل ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات ڪے بارے ميں سوال جواب“ صفحو 359 کان 362 تائين مضمون ملاحظہ فرمايو.

## اذان جي توهين جي باري ۾ سوال جواب

سوال: اَذان جي توهين ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: اَذان شعائر اسلام منجهان آهي. ڪنهن بہ شِعار اسلام جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

توهين ڪفر آهي.

## حَيَّ عَلَي الصَّلٰوة تي مذاق ڪرڻ

سوال: اذان ۾ حَيَّ عَلَي الصَّلٰوةِ (يعني اچو نماز جي طرف) ۽ حَيَّ عَلَي الْفَلَاحِ (يعني اچو ڀلائي جي طرف) ٻڌي مذاق ۾ هي چوڻ ڪيئن: اچو سينما گهر جي طرف، نہ تہ ٽڪيٽون ختم ٿي وينديون.

جواب: ڪفر آهي. ڇو جو معاذالله عَزَّوَجَلَّ اها اَذان تي مذاق ڪئي وئي. منهنجي آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنّت، مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت بابرڪت ۾ سوال ٿيو. سائين جن جو هن مسئلي ۾ ڇا ارشاد آهي تہ زيد مسجد جي مؤذن جي اَذان سان گڏ تمسخر (يعني مذاق) ڪئي يعني لفظ حَيَّ عَلَي الصَّلٰوةِ ٻڌي هيئن مذاق ڪئي (ادا لٺ يا چرخو هلي) ڇا زيد جي لاءِ حڪم ارتداد ۽ سقوط نڪاح ثابت ٿيو يا نہ؟ ۽ زيد جو نڪاح ٽٽو يا نہ؟ الخ. الجواب: اَذان سان استهزا (يعني مذاق ڪرڻ) ضرور ڪفر آهي جيڪڏهن اَذان ئي سان هن استهزا (يعني مذاق) ڪئي تو بلاشبہ ڪافر ٿيو، هن جي عورت هن جي نڪاح مان نڪري وئي. هي جيڪڏهن وري مسلمان ٿئي ۽ عورت هن سان نڪاح ڪري ان وقت وطي (يعني هم بستري) حلال ٿيندي نہ تہ زِنا ٿيندو ۽ عورت جيڪڏهن بغير اسلام ۽ نڪاح جي هن سان قربت تي راضي هجي تہ اها بہ زانيہ آهي. ۽ جيڪڏهن اَذان سان استهزا (يعني مذاق ڪرڻ) مقصود نہ هو بلڪ خاص ان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

مؤذن سان مذاق ڪيو جو اهو اذان غلط ڏئي ٿو ته ان صورت ۾ (نه ڪافر ٿيندو نه نڪاح ٽٽندو پر) زيد کي تجديد اسلام (نئين سر ايمان آڻڻ) ۽ تجديد نڪاح (نئين سر نڪاح ڪرڻ) جو حڪم ڏنو ويندو. والله تعاليٰ اعلم. (فتاويٰ رضويه ج 21 ص 215)

## اَذان جي متعلق ڪفريه ڪلمات جا 8 مثال

﴿1﴾ جيڪو اَذان تي مذاق ڪري اهو ڪافر آهي. (فتاويٰ رضويه ج 5 ص 102)

﴿2﴾ اَذان جي تحقير ڪندي چوڻ ته گهنٽي جو آواز نماز جي اطلاع ڏيڻ جي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي، (ائين چوڻ) ڪفر آهي.

﴿3﴾ جيڪو مؤذن کي اَذان دؤران چوي، تو ڪوڙ ڳالهايو اهو شخص ڪافر آهي. (فتاويٰ قاضي خان ج 4 ص 467)

﴿4﴾ جيڪو ڪنهن مؤذن کي اَذان ڏيڻ دؤران مذاق جي طور تي چوي، اهيو ڪير محروم آهي جيڪو اَذان ڏئي رهيو آهي؟ يا ﴿5﴾ اَذان جي باري ۾ چوي: غير معروف آواز آهي يا چوي ﴿6﴾ اجنبي جو آواز آهي، اهي سيئي قولَ ڪفر آهن. يعني جڏهن ته تحقير (حقارت) طور چوي. (منح الروض الازهر للقاري ص 495)

﴿7﴾ هڪ شخص اَذان ڏني، ٻيو مذاق ڪرڻ جي خاطر ٻيهر اَذان ڏئي ته هن تي ڪفر جو حڪم (لاڳو) آهي. (مجمع الانهر ج 2 ص 509)

﴿8﴾ اَذان ٻڌي ڪري اهو چوڻ: ڇا شور مچايو آهي؟ جيڪڏهن هي قول خود اَذان کي ناپسند ڪرڻ جي سبب چيو ته ڪفر آهي.
(عالمگيري ج 2 ص 269)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

# اذان

اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ

الله سڀ کان وڏو آهي الله سڀ کان وڏو آهي

اَللّٰہُ اَکْبَرُ اَللّٰہُ اَکْبَرُ

الله سڀ کان وڏو آهي الله سڀ کان وڏو آهي

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ

مان گواهي ڏيان ٿو ته الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰہِ

مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد ﷺ الله جا رسول آهن

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰہِ

مان گواهي ڏيان ٿو ته حضرت محمد ﷺ الله جا رسول آهن

حَیَّ عَلَی الصَّلٰوةِ حَیَّ عَلَی الصَّلٰوةِ

نماز پڙهڻ جي لاءِ اچو نماز پڙهڻ جي لاءِ اچو

حَیَّ عَلَی الْفَلَاحِ حَیَّ عَلَی الْفَلَاحِ

ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اچو ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اچو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ

**الله سڀ ڪان وڏو آهي الله سڀ ڪان وڏو آهي**

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

**الله ڪان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي**

# اذان جي دعا

**اذان ڪان پوءِ مؤذن ۽ ٻڌندڙ درود شريف پڙهي ڪري هي دعا پڙهن.**

اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّآمَّةِ وَ الصَّلٰوةِ الْقَآئِمَةِ اٰتِ سَيِّدَنَا مُحَمَّدَا ۨالْوَسِيْلَةَ وَ الْفَضِيْلَةَ وَ الدَّرَجَةَ الرَّفِيْعَةَ وَ ابْعَثْهُ مَقَامًامَّحْمُوْدَا ۨالَّذِىْ وَعَدْتَّهٗ وَارْزُقْنَا شَفَاعَتَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ؕ بِرَحْمَتِكَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ؕ

**ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ **هن دعوت تامّ ۽ صلاةِ قائم جا مالڪ! تون اسان جي سردار حضرت محمد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کي وسيلو ۽ فضيلت ۽ تمام بلند درجو عطا فرماءِ ۽ انهن کي مقام مَحمُود تي بيهار جنهن جو تو ساڻن واعدو ڪيو آهي ۽ اسان کي قِيامت جي ڏينهن سندن شَفاعت نصيب فرماءِ بيشڪ تون واعدي جي خلاف ناهين ڪندو، اسان تي پنهنجي رحمت فرماءِ اي سڀ ڪان وڏيڪ رحم ڪرڻ وارا.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

## شَفاعت جي بشارت

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جڏهن توهان اَذان ٻڌو تہ انهن جملن کي ادا ڪريو جيڪي مؤذن چيا. پوءِ مون تي درود شريف پڙهو پوءِ وسيلي جو سوال ڪريو. ائين ڪرڻ وارن لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.** (مسلم ص 203 حديث 384)

## ايمان مُفَصل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ ط

ترجمو: مون ايمان آندو **الله** تي ۽ ان جي فِرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قِيامت جي ڏينهن تي ۽ ان تي تہ سُٺي ۽ بُري تقدير **الله** جي طرفان آهي ۽ موت کان پوءِ اٿارڻ تي.

## ايمان مُجمَل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ كَمَا هُوَ بِاَسْمَآئِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَقَبِلْتُ جَمِيْعَ اَحْكَامِهٖ اِقْرَارٌ ۢبِاللِّسَانِ وَتَصْدِيْقٌ ۢبِالْقَلْبِ ط

ترجمو: مون ايمان آندو **الله** تي جيئن هو پنهنجي نالن ۽ پنهنجي صِفتن سان آهي ۽ مون ان جا سڀ احڪام قبول ڪيا زبان سان اِقرار ڪندي ۽ دل سان تصديق ڪندي.

## پهريون ڪلمو طيب

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

ترجمو: **الله** کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، **محمد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** جا رسول آهن.

## ٻيو ڪلمو شهادت

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ

اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط

ترجمو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ **الله** کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي، هو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ **محمد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله** جا ٻانها ۽ رسول آهن.

## ٽيون ڪلمو تَمجِيد

سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ ط

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ط

ترجمو: **الله** پاڪ آهي ۽ سڀ خوبيون **الله** جي لاءِ آهن ۽ **الله** کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ **الله** سڀ کان وڏو آهي، گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي توفيق **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي، جيڪو سڀ کان بلند عَظمت وارو آهي.

## چوٿون ڪلمو توحيد

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ

وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ اَبَدًا اَبَدًا ط ذُو الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ط بِيَدِهِ الْخَيْرُ ط

وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

ترجمو: **الله** کان سواءِ ڪو معبود ناهي، هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، انهيءَ جي لاءِ آهي بادشاهي ۽ انهيءَ جي لاءِ حمد آهي، اهو ئي زنده ڪندو ۽ ماريندو آهي ۽ هو زنده آهي، ان ڪي هرگز ڪڏهن موت نہ ايندو، وڏي جلال ۽ بزرگي وارو آهي، ان جي هٿ ۾ ڀلائي آهي ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.

## پنجون ڪلمو اِستغفار

اَسْتَغْفِرُ اللهَ رَبِّیْ مِنْ کُلِّ ذَنْۢبٍ اَذْنَبْتُهٗ عَمَدًا اَوْ خَطَاً سِرًّا اَوْ عَلَانِيَةً وَّ

اَتُوْبُ اِلَيْهِ مِنَ الذَّنْۢبِ الَّذِیْٓ اَعْلَمُ وَمِنَ الذَّنْۢبِ الَّذِیْ لَآ اَعْلَمُ

اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ وَسَتَّارُ الْعُيُوْبِ وَغَفَّارُ الذُّنُوْبِ

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِیِّ الْعَظِيْمِ ط

ترجمو: مان **الله** کان معافي گهران ٿو، جيڪو منهنجو پَروردگار آهي. هر گناهہ کان جيڪو مون ڄاڻي واڻي ڪيو يا ڀلجي ڪيو لڪي ڪري ڪيو يا ظاهر ٿي ڪيو ۽ مان ان جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪيان ٿو، ان گناهہ کان جنهن کي مان ڄاڻان ٿو ۽ ان گناهہ کان بہ جنهن کي مان نٿو ڄاڻان (اي **الله**) بيشڪ تون غيبن جو ڄاڻندڙ ۽ عيبن کي لڪائيندڙ ۽ گناهن جو بخشيندڙ آهين ۽ گناهہ کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوّت **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي، جيڪو سڀ کان بلند عظمت وارو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

# **ڇهون ڪلمو رد ڪفر**

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ شَيْـًٔا وَّاَنَآ اَعْلَمُ بِهٖ وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَآ اَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ وَتَبَرَّأْتُ مِنَ الْكُفْرِ وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ وَالْبُهْتَانِ وَ الْمَعَاصِيْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ وَاَقُوْلُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

**ترجمو: اي الله! مان تنهنجي پناهہ گهران ٿو، هن ڳالهہ کان تہ مان ڪنهن شيءِ کي تنهنجو شريڪ بڻايان ڄاڻي واڻي ۽ بخشش گهران ٿو توکان ان (شرڪ) جي جنهن کي مان نہ ٿو ڄاڻان ۽ مان ان کان توبہ ڪئي ۽ مان بيزار ٿيس ڪفر کان ۽ شرڪ کان ۽ ڪوڙ کان ۽ غيبت کان ۽ بدعت کان ۽ چغلي کان ۽ بي حيائين کان ۽ بهتان کان ۽ تمام گناهن کان ۽ مان اسلام قبول ڪيو ۽ مان چوان ٿو الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي محمد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **الله جا رسول آهن.**

## **ماخذ و مراجع**


| ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| تفسير سورهٔ يوسف | فضل نور اڪيڊمي گجرات | مرقاة المفاتيح | دار الفكر بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | اشعة اللمعات | ڪوئٽه |
| صحيح ابن خزيمه | المكتبة الاسلامي | تحفة المحتاج | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفڪر بيروت | مجمع الانهر | ڪوئٽه |
| معجم ڪبير | دار احياء التراث العربي بيروت | فتاويٰ قاضي خان | پشاور |
| حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت | درمختار و ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| تاريخ دمشق | دارالفڪر بيروت | فتاويٰ عالمگيري | دارالفڪر بيروت |
| سنن ڪبريٰ | دار الكتب العلمية بيروت | مراقي الفلاح | مدينة الاولياء، ملتان شريف |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | منح الروض الازهر | دار البشائر الاسلاميه بيروت |
| الزهد الڪبير | مؤسسة الكتب الثقافية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| الجامع الصغير | دار الكتب العلمية بيروت | بهار شريعت | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| جامع الحديث | دارالفڪر بيروت | قانون شريعت | ضياء القرآن پبلي ڪيشنز لاهور |


# رحمۃ للعٰلمین صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم
# کے مُؤَذِّنین کی تعداد


**مدینے** کے تاجدار صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم کے **مُؤَذِّن** چار تھے:

﴿۱﴾ حضرتِ سیِّدُنا **بلال** (حبشی) بن رباح ﴿۲﴾ حضرتِ سیِّدُنا **عَمْرو بن اُمِّ مَکْتُوم** رَضِیَ اللہُ تعالٰی عَنْہُما یہ دونوں **مدینۂ منوَّرہ** زادَھَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّ تَعظِیْمًا میں ﴿۳﴾ حضرتِ سیِّدُنا **سَعْد بن عائذ** رَضِیَ اللہُ تعالٰی عنہ **قُبا شریف** میں اور ﴿۴﴾ حضرتِ سیِّدُنا **ابُومَحْذُورَہ** رَضِیَ اللہُ تعالٰی عنہ **مکّۂ مکرَّمہ** زادَھَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّ تَعظِیْمًا میں اَذان دیتے تھے۔

(اَلْمَواھِبُ لِلْقَسْطَلانی ج ۱ ص ۴۰۰)








عالمی مدنی مرکز فیضان مدینہ محلہ سوداگران پرانی سبزی منڈی
باب المدینہ کراچی فون نمبر: UAN: +923 111 25 26 92 Ext:1262